اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# رمضان ۾ گناهہ ڪرڻ واري جي قبر جو ڀوائتو منظر!

از: شيخ طريقت امير اهلسنت باني دعوت اسلامي
حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

هڪ ڀيري امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ، شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم قبرن جي زيارت لاءِ ڪوفي جي قبرستان تشريف وٺي ويا. اتي هڪ تازي قبر تي نظر پئي. ڪين ان جي حالت معلوم ڪرڻ جي خواهش ٿي. بارگاهِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض گذار ٿيا. يا الله عَزَّوَجَلَّ هن ميّت جا حالات مون تي منڪشف (يعني ظاهر) فرماءِ. الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ سندن التجا هڪدم ٻُڌي ويئي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سندن ۽ ان مُردي جي وچ ۾ جيترا پردا رڪاوٽ بڻيل هئا سيئي هٽايا ويا هاڻي هڪ قبر جو ڀوائتو منظر سندن آڏو هو، ڇا ٿا ڏسن تہ مُردو باهہ ۾ وَڪوڙيل آهي ۽ روئي روئي ڪين هيئن فرياد ڪري رهيو آهي: يَاعَلِيُّ! اَنَا غَرِيْقٌ فِى النَّارِ وَحَرِيْقٌ فِى النَّارِ يعني: ”يا علي! كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم مان باهہ ۾ ٻُڏل آهيان ۽ باهہ ۾ سڙي رهيو آهيان.“ قبر جي دهشت ناڪ منظر ۽ مُردي جي دردناڪ دانهن حيدرِ ڪرار كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کي بيقرار ڪري ڇڏيو. پاڻ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم پنهنجي رحمت واري پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ هٿ ڪنيائون ۽ نهايت ئي عاجزي سان ان ميّت جي بخشش جي لاءِ درخواست پيش ڪيائون. غيب مان آواز آيو .”اي علي! توهان هن جي سفارش نہ ئي فرمايو ڇو تہ روزا رکڻ جي باوجود هي شخص رمضان المبارڪ جي بي حرمتي ڪندو هو. رمضان المبارڪ ۾ بہ گناهن کان ڪونہ مُڙندو هو. ڏينهن جو روزا تہ رکندو هو پر راتين جو گناهن ۾ مُبتلا رهندو هو. مولاءِ ڪائنات عليُّ المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم اِهو ٻُڌي ڪري ويتر غمگين ٿي ويا ۽ سجدي ۾ وڃي روئي روئي عرض ڪرڻ لڳا، يا الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي لڄ تنهنجي هٿ ۾ آهي. هن ٻانهي وڏي اميد سان مون کي پڪاريو آهي منهنجا مالڪ عَزَّوَجَلَّ! تون مون کي هن جي آڏو رسوا نہ فرماءِ، هن جي بيوسيءَ تي رحم فرماءِ ۽ هن ويچاري جي بخشش فرماءِ. حضرت علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم روئي روئي مُناجات ڪري رهيا هئا. الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جو درياءُ جوش ۾ اچي ويو ۽ ندا آئي، اي علي! اسان تنهنجي شڪستہ دليءَ جي سبب هن کي بخشي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح ان مُردي تان عذاب کنيو ويو. (انيس الواعظين، ص 25)

کیوں نہ مشکل کشا کہوں تم کو　　　تم نے بگڑی مری بنائی ہے

جيڪي ماڻهو روزو رکڻ جي باوجود گناهہ جي صورتن تي مشتمل تاس، شطرنج، لوڊو، موبائيل، آءِ پيڊ وغيره تي وڊيو گيمز، فلمون، ڊراما، گانا باجا، ڏاڙهي ڪترائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽرائڻ، بنا ڪنهن شرعي عذر جي جماعت ترڪ ڪرڻ بلڪ معاذ الله عَزَّوَجَلَّ نماز قضا ڪري ڇڏڻ،

ڪوڙ، غيبت، چغلي، بد گماني، وعده خلافي، گار گند، بنا ڪنهن شرعي عذر جي مسلمانن کي تڪليف ڏيڻ، شرعي حقدار نہ هجڻ جي باوجود گداگري (يعني پنڻ)، والدين جي نافرماني، وياج ۽ رشوت جي ڏيتي ليتي، ڪاروبار ۾ ڌوڪو ڏيڻ وغيره وغيره برائين کان رمضان شريف ۾ بہ نہ ٽا رڪجن انهن جي لاءِ بيان ڪيل حڪايت ۾ عبرت ئي عبرت آهي.

رمضان شريف ۾ گناهن کان نہ رڪجڻ وارا مزيد بہ احاديث ملاحظہ فرمائن ۽ پاڻ کي الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي کان ڊيڄارين.

1. جنهن رمضان المبارڪ ۾ ڪو گناهہ ڪيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جا هڪ سال جا اعمال برباد فرمائي ڇڏيندو. (المعجم الاوسط، ج 2، ص 414، حديث 3688)

2. منهنجي امت ذليل ۽ خوار نہ ٿيندي جيستائين اها ماهِ رمضان جو حق ادا ڪندي رهندي.“ عرض ڪيو ويو يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رمضان جي حق کي ضايع ڪرڻ ۾ انهن جو ذليل ۽ خوار ٿيڻ ڇا آهي؟ فرمايائون،” هن مهيني ۾ سندن حرام ڪمن جو ڪرڻ، پوءِ فرمايائون، جنهن هن مهيني ۾ زنا ڪيو يا شراب پيتو تہ ايندڙ رمضان تائين الله عَزَّوَجَلَّ ۽ جيترا آسماني فرشتا آهن سيئي ان تي لعنت ڪندا آهن. پوءِ جيڪڏهن هي شخص ايندڙ ماهِ رمضان کي حاصل ڪرڻ کان پهريان ئي مري ويو تہ وٽس ڪا اهڙي نيڪي نہ هوندي جيڪا کيس جهنّم جي باهہ کان بچائي سگهي. سو توهان ماهِ رمضان جي معاملي ۾ ڊڄو ڇو تہ جهڙيءَ طرح هن مهيني ۾ ٻين مهينن جي مقابلي ۾ نيڪيون وڌايون وينديون آهن اهڙيءَ طرح گناهن جو بہ مُعاملو آهي. (المعجم الصغير، ج 1، ص 248)

منا منا اسلامي ڀائرو! ڊڄي وڃو رمضان جي مهيني جي بي قدري کان بچڻ جي خاص طور تي ڪوشش ڪريو. الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان مايوسي بہ ناهي، رحمت جا دروازا کليل آهن. روئي روئي توبهہ ڪري گناهن کان رڪجي وڃو، نيڪ ۽ سنتن جو پابند ٿيڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي سنتن ڀريي اجتماعن ۾ شرڪت ۽ سنتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر کي پنهنجو معمول ٺاهي ڇڏيو.

غم مدينہ، بقيع و مغفرت و بي حساب جنّت
الفردوس ۾ آقا جي پاڙي جو طلبگار
20 شعبان المعظم 1436هہ
8-06-2015

**نوٽ:** شيخ طريقت امير اهلسنت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي لکيل ڪتاب فيضان رمضان جو مطالعو ڪيو. هن ڪتاب ۾ روزن جا فضائل ۽ ڪيترائي مسئلا تمام آسان انداز ۾ پيش ڪيا ويا آهن. هي اشتهار، ڪتاب فيضان رمضان ۽ امير اهلسنت جي سنتن ڀري بيانن جون V.C.Ds/D.V.Ds وغيره مڪتبۃ المدينہ جي هر بستي تان هديتہً طلب ڪيو.

ڏسندا رهو مدني چينل

**سنڌي ترجمو پيشڪش: مجلس تراجم (دعــوت اســلامــي)**

www.dawateislami.net